ماهوار
ويب ايڊيشن

# فيضانِ مدينه

(دعوت اسلامي)

ذوالحجة الحرام 1443ھ / جولاءِ 2022ء

**فرمانِ امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

ڪنهن جي ”جان“ بچائڻ جيتو ٽيڪ چڱو ڪم آهي پر ڪنهن جو ”ايمان“ بچائڻ ان کان بہ وڌيڪ اهم آهي.








حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو خواب 03
حاجين لاءِ شفاعت جي خوشخبري 06
تاريخ جي ورقن مان ميدانِ عرفات 08
قربانيءَ جو طريقو 12
مديني پاڪ جا فضائل 13



# حج
## هڪ عظيم عبادت

سيّد عمران اختر عطاري مدني

حج اسلام جو هڪ نهايت مُقدَّس فريضو آهي جنهن کي ادا ڪرڻ جي لاءِ اللہ پاڪ جا ٻانها پنهنجي پنهنجي علائقن، شهرن ۽ ملڪن کان بيتُ اللہ جو ارادو ڪري نڪرندا آهن ۽ احرام جي حالت ۾ مڪّۂ مڪرمہ پهچي ڪري حج جي ڏهاڙن ۾ ڪعبي جو طواف ۽ ٻيا حج جا رُڪنَ ادا ڪندا آهن. حج اهڙي عظيم عبادت آهي جو ان جي لاءِ گهران نڪرڻ کان واپسيءَ تائين قدم قدم تي ثواب ئي ثواب ملڻ جون بشارتون آهن بلڪ جيڪڏهن ڪو ان عبادت جي لاءِ گهران نڪري پر زندگيءَ جي بازي هاري ويهي (فوت ٿي وڃي) ان جي لاءِ بہ وڏي ڪاميابي آهي جو رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو حج جي ارادي سان نڪتو پوءِ وفات ڪري ويو تہ اللہ پاڪ قيامت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ وارن جو ثواب لکندو[1] ان کان پڇاڻو نہ ٿيندو، نہ حساب ٿيندو ۽ ان کي چيو ويندو: اُدْخُلِ الْجَنَّةَ يعني تون جنّت ۾ داخل ٿي وڃ.[2] ۽ جنهن کي حج جي سعادت نصيب ٿي وڃي ان جا فضائل، وِک وِک تي اجر ۽ ثواب، مغفرت، گناهن جي بخشش، گهر وارن جي حق ۾ ان جي سفارش جي قبوليت جي باري ۾ ڪوڙ حديثون مروي آهن بهرحال ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيان ڪجن ٿا: (1) حاجي پنهنجي گهر وارن مان چار سؤ (ماڻهن) جي شفاعت ڪندو ۽ پنهنجن گناهن کان ان ڏينهن جيان نڪري ويندو جنهن ڏينهن ان جي ماءُ کين ڄڻيو هو،[3] (2) اللہ پاڪ حاجيءَ جي ۽ جنهن جي لاءِ هو مغفرت جي دعا ڪري ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي ٿو.[4] (3) مَبْرُور حج جي جزا جنّت ئي آهي.[5] لهٰذا جنهن تي حج فرض هجي ان کي گهرجي تہ هن فريضي کي ادا ڪرڻ ۽ هن مبارڪ سفر تي روانو ٿيڻ کان پهريان ضروري سفرِ جي سامان جي ڀرپور تياري ڪري جو اللہ پاڪ جو فرمان آهي: (وَتَزَوَّدُوْا) ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ثمر ساڻ کڻو[6] يعني سفر جو سامان کڻي هلو، ٻين تي وزن نہ وجهو ۽ سوال نہ ڪريو جو هي تمام شيون توڪل ۽ تقوٰي جي خلاف آهن ۽ تقوٰي سفر جو بهترين سامان آهي.[7] ياد رکو تہ روز روز وڌندڙ مُهانگائيءَ جي هن دور ۾ توڙي جو حاجين کي گهڻو سفر جو خرچ برداشت ڪرڻو

پوندو آهي، ٿئي سگهي ٿو ته شيطان هي وسوسو به ڏياري ته حج جي تيارين ۾ تمام گهڻي رقم خرچ ٿيندي ته غريب ٿي ويندا سين پر هن وسوسي کي ذهن مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ڇو ته اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حاجين جي لاءِ فقر ۽ تنگدستي کان دائمي نجات جي ضمانت ڏيندي واضح طور فرمائي ڇڏيو: حاجي ڪڏهن به فقير ناهي ٿيندو.[8] ۽ وري مزي جي ڳالهه ته اُها آهي ته ان راهه ۾ لڳايل هڪ هڪ رپيو اعمال جي دفتر کي نيڪين سان پرڻ ۾ تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيندو جو حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان جي لاءِ توهان جي تڪليف، مشقت ۽ خرچَ جي مطابق ثواب آهي.[9]

---

(1)مسند ابی یعلیٰ،5/ 441،حدیث: 6327 (2)معجم اوسط، 4/111، حدیث: 5388(3)مسندالبزار، 8/169،حدیث: 3196(4)مجمع الزوائد،3/483،حدیث: 5287(5)مسلم،ص903،حدیث: 3289(6)پ2، البقرة: 197 (7)صراط الجنان،1/314 (8)مصنف ابن ابی شیبہ،8/764، حدیث:15993(9)مستدرک للحاکم،2/ 130 حدیث: 1776



# حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جو خواب

عيدالاضحىٰ دين اسلام جي پيروڪارن جي لاءِ هڪ عظيم عبادت جو ڏينهن آهي جيڪو پنهنجي اهميت، فضيلت، معنىٰ ۽ روحانيت جو خاص مقام رکي ٿو. ان سان گڏوگڏ اسان جي لاءِ هن ۾ سبق به آهي تنهنڪري جڏهن قرباني جي جانور کي ليٽايو، ان جي ڳلي تي ڇري رکو ته ان وقت ان عظيم قرباني جي تَصَوُّر ۾ گم ٿي وڃو، جنهن جي ياد ۾ جانور قربان ڪيو پيو وڃي، ٿورو تَصَوُّر ڪيو! جڏهن حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کي پٽ جي قرباني ڏيڻ جو حڪم مليو هو، ان وقت سندن عمر مبارڪ 90 سال هئي، حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام اجا کير پيئڻ جي عمر ۾ هئا ته حڪم ٿيو: ابراهيم (عَلَیْہِ السَّلَام) پنهنجي پٽ ۽ سندس والِده کي مڪي مڪرم ڇڏي اچو، مڪو شريف اُن وقت بلڪل غيرآباد هو، حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ سڪيلڌي شهزادي حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام ۽ سندس والِده کي مڪي مڪرم ڇڏي آيا، نه نرڙ تي گهنج، نه بارگاهِ اِلٰهي ۾ ڪو عُذر، محبتِ اِلٰهي ۾ رضا ۽ خوشي سان پٽ ۽ گهرواريءَ جي



جُدائي برداشت ڪئي. پر

### ابھی عشق کے امتحاں اَور بھی ہیں

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 7 سال يا 13 سال مس ٿئي تہ خواب ۾ پٽ جي قرباني جو حڪم مليو، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جا خواب وحي اِلٰهي هوندا آهن، تنهنڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خواب ۾ ملڻ واري الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪيو، رَسّي ڪٽي، ڇُري پڪڙي، پنهنجي هونهار شهزادي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي ساڻ وٺي، مِنيٰ شريف ۾ آيا ۽ پٽ کي حُڪمِ اِلٰهي ٻُڌايو، فرمانبردار پٽ مٿو جهڪائي، اَدَب سان عرض ڪيو:

قَالَ يٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ٘ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۰۲﴾ (پارہ23،سورۃالصّٰفّٰت:102)

ترجموڪنزالايمان: چيائين اي منهنجا پيءُ ڪر جنهن ڳالھ جو توکي حڪم ٿئي ٿو، ان شاءالله عنقريب تون مونکي صبر وارو لهندين.

والِد بہ نبي، پٽ بہ نبي، ٻئي محبتِ اِلٰهي ۾ گُم ۽ ٻئي بارگاهِ اِلٰهي ۾ انوکي قرباني پيش ڪرڻ جي لاءِ تيار، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام شهزادي جا هٿ ٻڌا، زمين تي لِيٽايو ۽ ڇُري ڳلي تي رکي ڇڏيائون.

الله اڪبر!! مِنيٰ شريف جي وادِي ۾ عجيب منظر هو، آسمان جا دروازا کوليا ويا، ملائڪ اهو عجيب ۽ حيرت انگيز منظر ڏسي رهيا هئا ۽ روئي پُڪاري رهيا هئا: هن جو حق آهي تہ الله پاڪ سندس پنهنجو خليل ٺهرائي. الله اڪبر! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پٽ جي ڳلي تي ڇري رکي، زور سان هلائي پر ڇُري پنهنجو ڪم نہ ڪيو، هاڻي ڏنو وڃي تہ اهو هڪ درست عُذر هو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ اِلٰهي ۾ عرض ڪري سگهن پيا تہ مالِڪ! مون ڇري هلائي، حڪم تي عَمَل ٿي ويو، هاڻي ڇري ئي ڪُهڻ لاءِ تيار ناهي تہ مان ڇا ٿو ڪري سگهان، پر ائين ڪجھ بہ نہ چيائون ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام عُذر پيش نہ ڪيو بلڪ مَحبت جي شدت ۾ ڇري کي پٿر تي تيزڪرڻ لڳا، پوءِ هلائي، نہ هلي، وري تِکي ڪري هلايائون نہ هلي، ٽئين ڀيري وري تکي ڪيائون ايستائين جو ڇُري باھ جي شعلي جيان چمڪڻ لڳي، پوءِ پُوري طاقت سان هلايائون پر الله پاڪ جي قُدرت جو ڇُري ڳلو نہ ڪپيو.

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: بابا سائين! مون کي پيشاني ڀر ليٽايو، ڇوتہ اوهان منهنجو چهرو ڏسو ٿا تہ اوهان کي رَحم اچي ٿو ۽ اهو ئي رَحم الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ رُڪاوٽ بڻجي رهيو آهي، هاڻي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام شهزادي کي پيشاني ڀر ليٽايو، وري ڇري هلايائون پر هن ڀيري بہ ڇري نہ هلي ۽ آواز آيو:

يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ﴿۱۰۴﴾ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ (پارہ23،سورۃالصّٰفّٰت:104-105)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ابراهيم بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو.

حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جنّت مان دنبو (گهيٽو) وٺي حاضِر ٿيو ۽ الله پاڪ جي حڪم سان حضرت اِسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي فِديي ۾ ان گهيٽي کي ذبح ڪيو ويو. (حاشيه صاوی علی جلالين، پاره:23، سورۂ صٰفّٰت، جلد:3، صفحه:123تا125)

دو عالم سے کرتی ہے بیگانہ دِل کو

عجب چیز ہے لذتِ آشنائی

(کلامِ اقبال، بالِ جبريل، صفحه:196)

**اي عاشقانِ رسول!** اهو آهي اِخلاص ڀريو جذبو! اهوآهي محبت ڀريوجذبو...!! پر افسوس...

رگوں میں وہ لہو باقی نہیں ہے

وہ دِل، وہ آرزو باقی نہیں ہے

نماز و روزہ و قربانی و حج

یہ سب باقی ہیں، تُو باقی نہیں ہے

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي انهيءَ اِخلاص ۽ محبت واري جذبي کي ياد ڪري اسان جانور قربان ڪندا آهيون، هاڻي اندازو ڪيو! جيڪو جانور قربان ڪري اهڙي محبتِ اِلٰهي ۽ جذبهءِ اِخلاص جي ياد ملهائي رهيو هجي ڇا هو رَبّ ڪريم کان توجه هٽائي رِياڪاري ۽ ڏيکاءُ ڪندو؟ ڇا اهو ٻانهن جا حقَ پامال ڪندو؟ ڇا هو قرباني جي آڙ ٻڌائي نمازون قضا ڪندو؟ هر گز نه، ان ڪري **اي عاشقانِ رسول!** قرباني ته محبتِ اِلٰهي جي ياد ۽ پنهنجي طرفان محبتِ اِلٰهي جو عملي اِظهار آهي يا وري ائين ڪٿي ڇئجي ته خود قرباني ئي اها تقاضا ڪري ٿي ته جهڙي طرح اڄ قيمتي جانور الله پاڪ جي حڪم تي قربان ڪيو پيو وڃي، اهڙي ئي طرح الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ تمام گُناهن کان بچيو وڃي، تقويٰ اختيار ڪئي وڃي، الله پاڪ جو حڪم اچي ته پوءِ بَس وقت، مال، خواهشات بلڪ پنهنجي جان به قربان ڪئي وڃي.



# ڪعبو شفاعت ڪندو

حضرت وَهَب بن مُنَبّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تورات شريف (جيڪو آسماني ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي، ان ڪتاب) ۾ لکيل آهي: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن 7 لک مُقرَّب ملائڪن کي سون جا زنجيرَ عطا ڪري حڪم ڏيندو تہ هنن زنجيرن سان ڪعبي شريف کي ميدانِ محشر ۾ ڪڍي اچو! ملائڪ ويندا، انهن سونَ جي زنجيرن سان ڪعبي شريف کي ٻڌندا، پوءِ هڪ ملائڪ پڪاري چوندو: اي ڪعبہ! هل...!! ڪعبو شريف چوندو: مان نہ هلندُس جيستائين منهنجو سوال پورو نہ ٿي وڃي. آسمان مان هڪ ملائڪ پڪاريندو: اي ڪعبہ! سوال ڪر تنهنجو سوال پورو ڪيو ويندو. هاڻي ڪعبو شريف الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪندو: اي الله پاڪ! منهنجي پاڙي ۾ دفن ٿيڻ وارن مؤمنن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ. آواز ايندو: مون تنهنجي درخواست قبول فرمائي ورتي (يعني تنهنجي پاڙي ۾ جيڪي مؤمن دفن آهن انهن سڀني جي حق ۾ تنهنجي شفاعت قبول ڪئي.) بهرحال مڪہِ مڪرمہ ۾ جيترا مؤمن دفن آهن، انهن سڀني کي اٿاريو ويندو، انهن جا چهرا چمڪي رهيا هوندا، اهي سڀئي احرام جي حالت ۾ ڪعبي جي ويجهو جمع ٿي ويندا ۽ انهن سڀني جي زبان تي هڪ ئي ڪلمو هوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان).

هاڻي ملائڪ ڪعبي شريف کي چوندا: اي ڪعبہ! هاڻي هل...!! هاڻي تہ تنهنجو سوال بہ



پورو ٿي چڪو آهي. ڪعبو شريف چوندو: مان نہ هلندُس جيستائين منهنجي درخواست قبول نہ ٿي وڃي. آسمان مان هڪ ملائڪ پڪاري چوندو: اي ڪعبہ! تون گُهر توکي ڏنو ويندو. ڪعبو شريف چوندو: اي اللہ پاڪ! تنهنجا گنهگار ٻانها جيڪي پري، پري کان مٿيءَ ۾ لٿڙجي مون وٽ آيا، انهن پنهنجا گهر ٻار، مٽ مائٽ عزيز رشتيدار ڇڏيا، تنهنجي فرمانبرداري ڪئي ۽ تنهنجي حڪم تي عمل ڪندي، منهنجي زيارت جي شوق ۾ ڊوڙندا آيا ۽ حج ڪيائون، اي ربِّ ڪريم! مان توکان سوال ٿو ڪيان تہ انهن حاجين جي حق ۾ بہ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ، انهن کي قيامت جي گهٻراهٽ کان امن عطا فرماءِ ۽ انهن کي منهنجي ويجهو جمع فرماءِ. هڪ ملائڪ ندا ڪندو: اي ڪعبہ هنن ۾ تہ اهي ماڻهو بہ آهن جن تنهنجي طواف کان بعد گناهن جو بازار گرم رکيو ۽ گناهن تي قائم رهي ڪري پاڻ مٿان جهنم واجب ڪيائون. ڪعبو عرض ڪندو: اي اللہ پاڪ! انهن گنهگارن جي حق ۾ بہ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ جنهن تي جهنم واجب ٿي چڪو آهي. اللہ پاڪ فرمائيندو: مون انهن جي حق ۾ تنهنجي شفاعت قبول فرمائي، هاڻي ملائڪ اعلان ڪندو: جنهن جنهن ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي، اهي ٻين ماڻهن کان الڳ ٿي وڃن. هي اعلان ٻڌي ڪري اهلِ محشر مان اهي تمام ماڻهو الڳ ٿي ڪعبي شريف جي چؤطرف جمع ٿي ويندا، انهن جا چهرا تارن جيان چمڪي رهيا هوندا ۽ جهنّم کان بي خوف ٿي ڪري ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهيا هوندا، انهن جي زبان تي هڪ ئي ڪلمو هوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي اللہ! مان حاضر آهيان). پوءِ ملائڪ پڪاريندو: اي ڪعبہ! هاڻي تہ تنهنجي اها خواهش بہ پوري ٿي وئي هاڻي تہ هل...! پوءِ ڪعبو شريف هن طرح تَلْبِيہ چوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي اللہ! مان حاضر آهيان)، ڪعبي شريف کي هن شان سان محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو جو دنيا ۾ ڪعبي جي زيارت ڪرڻ وارا سندن چؤطرف طواف ڪري رهيا هوندا ۽ سيني جي زبانن تي هي ڪلما هوندا: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي اللہ! مان حاضر آهيان). (الروض الفائق، ص 66)





# تاريخ جي ورقن مان
# ميدانِ عرفات

مولانا ايّوب عطاري مدني

عرفات عرفہ جي جمع آهي. ذوالحجة الحرام جي نائين تاريخ کي بہ عرفہ چئبو آهي ۽ عرفات ميدان کي بہ چوندا آهن، پر لفظ عرفات صرف ميدان کي چيو ويندو آهي نہ وري ان ڏينهن کي. چوتہ ان جڳهہ جو هر حصّو عرفہ آهي ان کري جمع جو لفظ عرفات استعمال ڪيو وڃي ٿو.[1]

**عرفہ نالي رکڻ جو سبب:** ان جڳهہ کي ڪجهہ سببن جي ڪري عرفہ چيو وڃي ٿو: (1) عَرف جو مطلب سڃاڻڻ آهي: چو تہ انهيءَ جڳهہ تي حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام ۽ حضرت حوا رَضِیَ اللہ عَنۡها جي ملاقات ٿي سؤ سالن جي جدائي ڪان بعد ٿي ۽ انهن هڪٻئي کي سُڃاتو.[2] (2) انهيءَ جڳهہ تي حضرت جبريل عَلَيهِ السَّلَام حضرت سيّدنا ابراهيم خليل الله عَلَيهِ السَّلَام کي حج جا رڪنَ سيکاريا ۽ پاڻ فرمايائون عَرَفۡتُ يعني مون سڃاڻي ورتا (3) عَرف جي هڪ معنيٰ عطيو بہ آهي، الله پاڪ ان ڏينهن حاجين کي مغفرت جو تحفو عطا ڪندو، انهي ڪارڻ ان کي عرفہ چوندا آهن (4) تمام حاجي اتي پهچي ڪري پنهنجن گناهن جو اقرار ۽ اعتراف ڪندا آهن تنهنڪري هي عرفہ چورائيندو آهي.[3]

**ميدانِ عرفات جو هنڌ:** ميدانِ عرفات، مڪي ڪان اوپر پاسي طائف واري رستي ڪان تقريباً 20 ڪلو ميٽر ۽ منٰي ڪان تقريباً 11 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هڪ ڏڳهو ۽ ويڪرو ميدان آهي.[4] هي ميدان اُتر ڪان ڏکڻ تائين 12 ڪلو ميٽر ۽ اوپر ڪان اولهہ تائين 5 ڪلو ميٽرن تائين پکڙيل آهي. هي اُتر واري پاسي ڪان عرفات نالي جبلن جي پرسان ئي آهي.[5] ميدانِ عرفات جي وچ ۾ موجود جبلِ رحمت جي ويجهو جتي ڪاري پٿر جو فرش آهي اتي وقوف ڪرڻ (ترسڻ) افضل آهي.[6]

**احڪام:** 9ذوالحج جو منجهند ٿيڻ

(يعني نمازِ ظهر جي وقت شروع ٿيڻ) کان وٺي ڏهينءَ جي صبح صادق جي درميان جيڪو احرام سان هڪ لمحي جي لاءِ بہ عرفات شريف ۾ داخل ٿيو اهو حاجي ٿي ويو، هتان جو وقوف(ترسڻ) حج جو وڏو رڪن آهي.[7]

ميدانِ عرفات جي اولهہ (West) ڪناري تي هڪ عاليشان مسجد، مسجدِ نِمره پنهنجا جلوا لُٽائي رهي آهي، هن جا وڏيڪ بہ نالا هي آهن: (1) مسجدِ عرفہ (2) مسجدِ ابراهيم.[8]

**وقوفِ عرفات جا فضائل:** (1) بيشمار اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ ۽ اللہ جا بہ نبي حضرت سيّدنا خِضَر ۽ حضرت سيّدنا الياس عَلَيْهِمَا السَّلَام بہ عرفات جي ڏينهن ميدانِ عرفات ۾ تشريف فرما ٿيندا آهن.[9]

(2) حضرت سيّدنا امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه کان مروي آهي: ڪي گناه اهڙا آهن جن جو ڪفارو وقوفِ عرفہ ئي آهي. (يعني اهي صرف وقوفِ عرفات سان ئي مٽجندا آهن ).[10]

(3) رسول اللہ صَلَّی اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اللہ پاڪ عرفہ جي ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن بہ ڏينهن ٻانهن کي جهنّم کان آزاد ناهي ڪندو، اللہ (پنهنجي ٻانهن جي) ويجهو هوندو آهي، پوءِ فرشتن جي سامهون پنهنجن ٻانهن تي فخر ڪندي فرمائيندو آهي: هي ٻانها ڪهڙي ارادي سان آيا آهن.[11]

---

(1) مرأة المناجيح، 4/139 ماخوذاً (2) تفسير قرطبي، البقرة، تحت الآية:198، 1/320، جزء2 (3) خازن، البقرة، تحت الآية:198، 1/140، مرأة المناجيح، 4/207 (4) بہار شريعت، حصہ اول اصطلاحات (5) اردو نيوز ويب (6) رفيق الحرمين، ص160 (7) رفيق الحرمين، ص160 (8) عاشقانِ رسول کی 130 حکايات، ص235 (9) فتاویٰ رضويہ، 10/748 (10) قوتُ القلوب، 2/199 (11) مسلم، ص:540، حديث:3288





# صَفا ۽ مَروه ڇا آهن

صفا ۽ مروه بيت الله جي ويجهو ٻه مقدس پهاڙيون آهن. مسلمان جڏهن ٻه حج يا عمري تي ويندا آهن، تڏهن صفا ۽ مروه جي پهاڙين جي وچ تي ڊوڙندا آهن. هي ٻئي پهاڙيون الله پاڪ جي نشانين مان آهن، جيئن ته الله تعالیٰ سيپاري 2 سورة البقره آيت نمبر 158 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ اَنْ يَّطَّوَّفَ بِهِمَاؕ وَ مَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًاۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۵۸﴾

(پ 2، سُورَةُ البقره 158)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن سو جيڪو اُن گهر جو حج يا عمرو ڪري ان تي ڪو گناهه ناهي جو انهن ٻنهي جا چڪر لڳائي ۽ جيڪو پنهنجي طرفان ڀلائي ڪري ته بيشڪ الله نيڪيءَ جو بدلو ڏيندڙ خبردارآهي.

## مرد ۽ عورت پٿر ٿي ويا

مشهور مفسر حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اڳي زماني ۾ اِساف نالي هڪ شخص ۽ نائله نالي هڪ عورت هئي. انهن خانهءِ ڪعبه ۾ هڪٻئي کي بد نيتي سان هٿ لاتو ته عذابِ الٰهي سان ٻئي پٿر (يعني بت) ٿي ويا ۽ عبرت جي لاءِ "اِساف" کي صفا پهاڙيءَ تي رکيو ويو ۽ "نائله" کي مَروَه تي ته جيئن ماڻهو انهن کي ڏسي هتي گناهه جي خيال کان ٻه بچن. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن جهالت عروج تي پهچي وئي ته ماڻهو انهن کي پوڄڻ لڳا، جڏهن صفا ۽ مَروَه جي وچ ۾ ڊوڙندا هئا ته تعظيم جي ارادي سان انهن کي ڇُهندا هئا. مسلمانن کي صفا ۽ مَروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ ناپسند لڳو، ڇو ته اُتي بت پرستن ۽ بت پرستيءَ جي مشابهت هئي. تڏهن هي آيت سڳوري نازل ٿي جنهن ۾ انهن کي تسلي ڏني وئي ته توهان جو هي ڪم (يعني سعي ڪرڻ) الله جي رضا جي لاءِ آهي، توهان ان ۾ حرج نه سمجهو. (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 97)

## بي بي هاجره جي سعي جي ايمان افروز حڪايت

الله پاڪ جي حڪم سان حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلامُ کجورن جي هڪ ٿوڪري ۽ ڪجھ ماني جا ٽڪرا ۽ پاڻي جو مشڪيزو ڏئي حضرت سيّدتنا بيبي هاجره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ۽ پنهنجي ڪير پياڪ شهزادي حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلامُ کي صحراء ۾ ڇڏي واپس موٽي آيا. مشهور مفسر حضرت مفتی احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيستائين کجورون ۽ پاڻي باقي هو تيستائين حضرت هاجره (رَضِیَ اللهُ عَنْهَا) اطمينان سان گذارو ڪيو ۽ پٽ کي کير پياريندي رهي پر پاڻي ختم ٿيڻ تي اُڃ ستايو، فرزند (پٽ) بي اختيار روئڻ لڳو، پنهنجو تہ ايترو فڪر ڪونہ هو پر اکين جي ٺار جي بيقراري برداشت نہ ٿي، ان ڪري صفا تي چڙهيون تہ متان ڪٿان پاڻي نظر اچي وجي پر پاڻي نہ مليو مايوس ٿي هيٺ لٿيون، وري مَروَه پهاڙي ڏانهن نڪتيون پر نظر پُٽ تي هئي. رستي جي ڪجھ حصي ۾ پٽ ۽ سندس وچ ۾ ڪا شيءِ حائل ٿي تہ پاڻ ان (فاصلي) کي جلدي طئي ڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ لڳيون، ان شيءِ جي اوٽ مان نڪري وڃڻ تي ٻيهر آهستي هليون، ايستائين جو ”مَروَه“ تي پهچي ويون. اتي چڙهي ڪري بہ پاڻي نظر نہ آيو ٻيهر صفا ڏانهن نڪتيون اهڙي طرح ست چڪر لڳايائون هر ڦيري وچ ۾ ڊوڙيون هيون. (صفا ۽ مَروه جي سعي انهيءَ جي يادگار آهي) آخري ڦيرو مَروه تي چڙهيون تہ هڪ هيبت ناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو! ڊڄي ڪري پٽ وٽ آيون تہ ڏٺائون ”اهي روئندي پنهنجون ڪڙيون زمين تي رڳڙي رهيا آهن جنهن سان مٿي پاڻي جو چشمو جاري ٿي ويو!“ ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ ان جي چوڌاري مٽي گڏ ڪري فرمائڻ لڳيون: يَا مَاءُ زَمْ زَمْ ”اي پاڻي! بِيھ بيھ“ ان ڪري ان جو نالو آبِ زم زم پئجي ويو. (تفسيرِ نعيمي ج 1 ص 694)

اس میں زم زم ہو کہ تھم تھم اس میں جم جم ہو کہ بیش
کثرتِ کوثر میں زم زم کی طرح کم کم نہیں





# قربانيءَ جو طريقو

(قرباني جو جانور هجي يا هونئن ئي ذبح ڪرڻو هجي) سنّت هي آهي ته ذبح ڪرڻ وارو ۽ جانور ٻئي قبلي رخ هجن، اسان جي علائقي (يعني پاڪستان ۽ هندوستان) ۾ قبلو اولهه (WEST) واري طرف آهي، انهيءَ ڪري جانور جو متو ڏکڻ (SOUTH) جي طرف هئڻ گهرجي ته جيئن ڪابي پاسي ليٽيل هجي ۽ ان جي پٺي اوڀر (EAST) طرف هجي ته جيئن ان جو منهن قبلي ڏانهن ٿي وڃي ۽ ذبح ڪرڻ وارو پنهنجو ساڄو پير جانور جي ڪنڌ جي ساڄي (پاسي واري) حصي تي رکي ذبح ڪري، جيڪڏهن پنهنجو يا جانور جو منهن قبلي ڏانهن نه ڪيو ته مڪروهه آهي. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص،216،217)

## قرباني جي جانور کي ذبح ڪرڻ کان اڳ هي دعا پڙهي وڃي

اِنِّیْ وَجَّهْتُ وَجْهِیَ لِلَّذِیْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِیْفًا وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ﴿۷۹﴾ اِنَّ صَلَاتِیْ وَنُسُكِیْ وَمَحْیَایَ وَمَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ﴿۱۶۲﴾ لَا شَرِیْكَ لَهٗ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** مون هر باطل کان جدا ٿي ڪري پنهنجو منهن ان جي طرف ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين ٺاهيا ۽ مان مشرڪن مان ناهيان. (پ 7، انعام 79) بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجيون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله جي لاءِ آهي جيڪو سموري جهانن جو رب آهي. (پ8، انعام 162) ان جو ڪو شريڪ ناهي، انهن جو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان مسلمانن ۾ آهيان.

(بهار شريعت ج 3 ص 352)

پوءِ جانور جي ڪنڌ جي بلڪل پرسان پنهنجوساڄو پير رکي ڪري اَللّٰهُمَّ لَکَ وَمِنْکَ بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَکْبَر [1] پڙهي ڪري تيز ڇريءَ سان جلد ذبح ڪريو، قرباني پنهنجي طرفان هجي ته ذبح کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنِّیْ کَمَا تَقَبَّلْتَ مِنْ خَلِیْلِکَ اِبْرَاهِیْمَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ وَحَبِیْبِکَ مُحَمَّد صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم [2] جيڪڏهن ٻئي جي طرف کان قرباني ڪريو ته مِنّي جي بدران مِنْ چئي ڪري ان جو نالو وٺو. (ذبح ڪرڻ وقت پيٽ تي پير يا گوڏو نه رکو ڇوته اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن رت کان علاوه بيڪار مادو به نڪرڻ لڳندو آهي)

**مدني التجا:** قربانيءَ ۾ ڏسي ڪري دعا پڙهڻ وقت رسالي تي ناپاڪ رت نه لڳڻ گهرجي ان جو خيال ڪريو.

---

[1] اي الله پاڪ تنهنجي لاءِ ئي ۽ تنهنجي ڏنل توفيق سان، الله جي نالي سان شروع الله سڀ کان وڏو آهي.

[2] اي الله تون منهنجي طرفان (هن قرباني کي) قبول فرماءِ جهڙي طرح تو پنهنجي خليل ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ پنهنجي حبيب محمّد صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف کان قبول فرمائي. (بهار شريعت ج 3 ص 352)

# مديني پاڪ جا 10 فضائل احاديث جي روشنيءَ ۾

غلام نبي عطّاري
(درجہ سابعہ، جامعة المدينہ فيضانِ مدينہ آفندي ٽائون، حيدرآباد)

مدينو شريف اهو پيارو شهر آهي جيڪو ساري جهان جي شهرن کان وڌيڪ فضيلت وارو آهي. هي شهر عشق ۽ محبت جو مرڪز آهي. هي شهر ڏاڍو امن وارو شهر آهي ۽ سڀ کان وڏي نعمت افضلُ الانبياء حضرت محمد مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هتي ئي آرام فرما آهن. جن جي اطاعت ربِّ ڪريم جي اطاعت آهي جن جي روضي مبارڪ جي زيارت حضور پُر نور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنْ حَجَّ فَزَارَ قَبْرِی بَعْدَ مَوْتِی کَانَ کَمَنْ زَارَنِی فِی حَیَاتِی جنهن منهنجي وفات کان بعد حج ڪيو پوءِ منهنجي قبر جي زيارت ڪئي جڻ ته ان منهنجي زندگيءَ ۾ منهنجي زيارت ڪئي. (شعب الايمان،3/489،حديث:4154)

ڪيئي سالن کان مديني پاڪ جا عاشق پنهنجي ديس، شهرڪان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضريءَ جي لاءِ ايندا رهن ٿا. ۽ عاشقن جي ته اصل حاضري هن پاڪ دَرَ ئي جي (هوندي) آهي. حضرت سيّدنا امام اعظم ابو حنيفہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ 55 ڀيرا پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضري ڏني ۽ هميشہ هي اعلان فرمايو: يا سيدَ السَّاداتِ جِئْتُكَ قَاصِداً يعني اي سردارن جا سردار مان ته صرف اوهان جي زيارت جي ارادي سان ايندو آهيان. (المستطرف،ص326) مدينو پاڪ اهو برڪت وارو شهر آهي جيڪو سڄي زمين تي افضل آهي. سيّدي ۽ مرشدي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ فرمائن ٿا:

مکے سے اس لئے بھی افضل ہوا مدینہ
حصے میں اس کے آیا میٹھے نبی کا روضہ

سيّدي اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

خم ہو گئی پشتِ فلک اس طعنِ زمیں سے
سُن ہم پہ مدینہ ہے وہ رتبہ ہے ہمارا

مديني پاڪ جا فضائل ۽ برڪتون قرآنِ پاڪ ۽ احاديثِ مبارڪ ۽ اقوالِ سلف صالحين ۾ ڪثرت سان بيان ٿيل آهن. جن مان 10 مبارڪ حديثون اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

(1) مديني پاڪ جو پهريان نالو يثرب (بيمارين بلائن جو ڳوٺ) هو پر جڏهن رسولِ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان شهر جي طرف



هجرت ڪري ويا تہ اهو طيبہ (يعني پاڪ زمين) ٿيو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مونکي ان ڳوٺ جي طرف هجرت جو حڪم ڏنو ويو جيڪو تمام ڳوٺن کي کائي ويندو. ماڻهو ان کي يَثْرِب چون ٿا حالانڪ اهو مدينو آهي ۽ اهو ڳوٺ ماڻهن کي ايئن پاڪ ڪندو جيئن ڀَٽي لوهہ جي ڪَٽ کي ختم ڪندي آهي. (بخاری،617/1،حدیث:1871)

(2) پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بيشڪ الله پاڪ مديني شريف جو نالو طابہ (پاڪ زمين) رکيو آهي. (مسلم،ص 550، حدیث: 3357)

(3) پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن مديني شريف کي يثرب چيو ان کي گهرجي تہ اهو الله کان استغفار ڪري (هي يثرب نہ بلڪ) طيبہ آهي، طيبہ آهي. (مسند احمد،409/6، حدیث:18544)

کیوں طیبہ کو یثرب کہوں ممنوع ہے قطعاً
موجود ہیں جب سینکڑوں اسمائے مدینہ

(4) حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مدينو شريف مڪي کان افضل آهي. (معجم کبیر،288/4،حدیث:4450)

(5) مديني جي تاجدار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي الله جيتري مڪي ۾ برڪت عطا فرمائي آهي مديني ۾ ان کان ٻيڻائي تي عطا فرماءِ. (بخاری،620/1،حدیث: 1885)

طیبہ نہ سہی افضل مکہ ہی بڑا زاہد
ہم عشق کے بندے ہیں کیوں بات بڑھائی ہے

(6) نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مديني پاڪ جي ڌوڙ مٽي جُذام(ڪوڙهہ) کان شفا ڏيندي آهي. (جامع صغیر،ص355،حدیث:5753)

خاکِ طیبہ میں رکھی ہے رب نے شفا
ساری بیماریوں کی ہے اس میں دوا

اِس کی بَرَکت سے ہر اِک مَرَض دُور ہے
میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے

(7) الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: زمين جو جيڪو حصو منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ ۾ آهي اهو جنّت جي باغن مان هڪ باغ آهي. (بخاری،403/1،حدیث:1196)

اِس طرف رَوضہ کا نور اُس سَمت منبر کی بہار
بیچ میں جنّت کی پیاری پیاری کیاری واہ واہ

(8) فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جنهن مديني وارن کي ڏيڄاريو، ان تي الله ۽ ملائڪن ۽ تمام ماڻهن جي لعنت هوندي. (معجم کبیر،143/7،حدیث:6632)

(9) الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي، ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (شعب الایمان،490/3،حدیث:4159)

(10) رسولِ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص مديني ۾ مرڻ جي طاقت رکندو هجي اهو ضرور مديني ۾ مري جو جو جيڪو مديني ۾ مرندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندُس. (ترمذی،483/5،حدیث:3943)

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں
مدفن مِرا محبوب کے قدموں میں بنادے

الله پاڪ اسان کي بہ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ جي بار بار باادب حاضري نصيب فرمائي، نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ شهادت جو موت، قيامت جي ڏينهن حضورِ اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شفاعت ۽ جنّتُ الفردوس ۾ رسولِ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.
آمِین بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

### (1) جنهن تي حج فرض ٿي ويو هجي اهو زڪوٰة ڏي يا حج ڪري؟

**سوال:** جنهن تي حج فرض ٿي ويو هجي اهو زڪوٰة ڏي يا حج ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن ان وٽ زڪوٰة جي نصاب جيترو مال موجود آهي ۽ زڪوٰة جي تاريخ اچي وئي ته پوءِ زڪوٰة فرض ٿي وئي، ظاهر آهي هاڻي ان کي پنهنجي مال جو چاليهون حصو زڪوٰة ۾ ڏيڻو پوندو ۽ اگر حج فرض ٿي ويو ته حج به ڪرڻو پوندو.

(مدنی مذاکرہ،10ذوالقعدة الحرام 1440ھ)

### (2) فوت ٿيل والدين جي طرفان قرباني ڪرڻ جو حڪم

سوال: جيڪڏهن والدين جو انتقال ٿي ويو هجي ۽ انهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به قرباني نه ڪئي هجي ته ڇا اولاد انهن جي طرفان قرباني ڪري سگهي ٿو؟

جواب: جي ها! ايصالِ ثواب جي لاءِ قرباني ٿي سگهي ٿي ان ۾ ڪو حرج ناهي پڻ والدين جي طرفان قرباني ڪرڻ گهرجي هيءَ سٺو عمل آهي. والدين زندگيءَ ۾ قرباني ڪندا هئا يا نه يا 100 ٻڪرا زندگيءَ ۾ ذبح ڪندا هئا تڏهن به ايصالِ ثواب جي لاءِ قرباني ڪرڻ ۾ حرج ناهي. ۽ جيئرن جي ايصال ثواب جي لاءِ به قرباني ٿي سگهي ٿي.

(مدنی مذاکرہ،10ذوالقعدة الحرام 1440ھ)

### (3) ڪاش هر گهر ۾ عالم دين هجي!

سوال: اوهان پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندا آهيو ته ڪاش! هر گهر ۾ عالِم دين هجي، جيڪڏهن ڪنهن کي ڏيئرون ئي هجن

تہ اهو توهان جي خواهش ڪيئن پوري ڪري؟

جواب: جيڪڏهن ڪنهن کي الله پاڪ ڌيئرن ئي سان نوازيو آهي تہ انهن کي عالِمہ بڻائي تڏهن بہ منهنجي خواهش پوري ٿي ويندي. هڪ ئي ٻار کي حافظِ قرآن ۽ عالِم دين بڻائڻ جي بدران بهتر هي آهي تہ سيني ٻارن کي حافظِ قرآن ۽ عالِم دين بڻائڻ جي ڪوشش ڪيو. والدين جي پنهنجي عمر تہ گذري وئي هاڻي پاڻ حافظِ قرآن يا عالِم دين نٿا بڻجي سگهن تہ پنهنجي اولاد کي ئي حافظ يا عالِم بڻائي ڪري اجر ۽ ثواب ڪمائن. جيڪڏهن اولاد کي حافظ يا عالِم نہ بہ بڻائي سگهيا تڏهن بہ شريعت ۽ سنّت جي مطابق انهن جي تربيت تہ ڪرڻي ئي پوندي نہ تہ هن معاملي ۾ ڪوتاهي(غفلت) قيامت جي ڏينهن رسوائي جو سامان بڻجي سگهي ٿي.

(مدنی مذاکرہ 28 ذوالقعدۃ الحرام 1439)

## (4) ڇا قربانيءَ جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو؟

سوال: ڇا قربانيءَ جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو؟

جواب: جي ها! ضرورت مطابق قرباني جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو.

(مدنی مذاکرہ،10ذوالقعدۃ الحرام 1440ھ)

## (5) ڇا قربانيءَ جي بہ قَضا ٿيندي آهي؟

سوال: هڪ سال جي قرباني رهجي وڃي تہ ڇا اها قرباني ٻئي سال ڪري سگهون ٿا؟ جيئن تہ هن ڀيري مون وٽ پيسا ناهن تہ منهنجي لاءِ قرباني معاف آهي يا ڪرڻي پوندي؟

جواب: قربانيءَ جا ڏهاڙا گذري ويا ۽ قرباني نہ ڪئي، نہ جانور ورتو نہ ئي ان جي قيمت صدقو ڪئي ايستائين جو ٻئي قربانيءَ واري عيد اچي وئي هاڻي هي چاهي ٿو تہ گذريل سال جي قرباني جي قضا هن سال ڪري تہ هي نہ ٿو ٿي سگهي بلڪ هاڻي بہ اهو ئي حڪم آهي تہ هڪ سال جو ٻڪر يا ٻڪري يا ان جي قيمت صدقو ڪري.

(فتاویٰ ہندیۃ، 296/5، 297-مدنی مذاکرہ،10ذوالقعدۃ الحرام 1440ھ)

## (6) پُٽ جو ماءُ پيءُ کان پهريان مديني شريف وڃڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا پٽ والدين کان پهريان مديني شريف وڃي سگهي ٿو؟

جواب: پٽ والدين کان پهريان مديني شريف وڃي سگهي ٿو ان ۾ ڪو حرج ناهي بلڪ جيڪڏهن حج فرض ٿي ويو ۽ ماءُ پيءُ اجازت نہ بہ ڏين تڏهن بہ وڃڻو پوندو.

(مدنی مذاکرہ،10ذوالقعدۃ الحرام 1440ھ)

## (7) حجرءِ اسود جو رنگ ڪارو ڇو؟

سوال: حجرءِ اسود جڏهن جنّت مان آيو تہ ان جو رنگ اڇو هو، هاڻي ان جو رنگ ڪارو ڇو ٿي ويو آهي؟

جواب: هي حجرءِ اسود يعني ڪارو پٿر پهريان حَجرءِ اَبيض يعني اڇو پٿر هو، ماڻهن جي گناهن جي ڪري ان جو رنگ ڪارو ٿي ويو، (ترمذی، 248/2، حدیث:878) ان ڪري هاڻي هن کي حجرءِ اسود چيو ويندو آهي.

(مدنی مذاکرہ،23 جُمادَی الْاُولیٰ 1441ھ)

## (8) ڪوڙ هٿيءِ ڪري عُمري جي لاءِ وڃڻ ڪيئن؟

سوال: اَلْحمدللہ مان عُمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان پر قانون جي مطابق 40 سالن کان گهٽ عمر واري مرد کي عُمري جي لاءِ اڪيلو سفر ڪرڻ جي اجازت ناهي، اڪيلو هئڻ جي ڪري صرف ڪاغذات ۾ مونکي ڪنهن نامحرم عورت جو محرم بڻايو پيو وڃي حالانڪ ان عورت جو حقيقي محرم بہ ان سان گڏ آهي، هن باري ۾ منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

جواب: ڪوڙ چاهي زبان سان ڳالهايو، لکي ڪري ڳالهايو يا اشاري سان ڳالهايو ڪوڙ ڪوڙ ئي هوندو آهي ۽ گناھ ئي آهي.

(مدنی مذاکرہ،30 جمادی الاولیٰ 1441ھ بتغیر)

## (9) عمامي جا گهٽا شَملا هئڻ گهرجن؟

سوال: عمامي شريف جا گهٽا شَملا هئڻ گهرجن؟

جواب: پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گهڻو ڪري عمامي شريف جو هڪ شَملو رکيو آهي. (ترمذی،3/286، حدیث:1742) پر هڪ پيري پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن صحابيءَ جي مٿي تي پنهنجي مبارڪ هٿن سان عمامو شريف سجايو ۽ ان جا بہ شَملا ڇڏيائون. (ابو داؤد، 4/77، حدیث:4079) اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ڪڏهن ڪڏهن سنّت جي نيّت سان عمامي شريف جا بہ شَملا بہ رکندو آهيان.

(فتاویٰ رضویہ، 22/200-مدنی مذاکرہ،16 جُمادَی الْاُولیٰ 1441ھ)

## (10) طواف جي دوران سيلفي ڪيئن ڪيئن؟

سوال: طواف جي دوران ڪيئي ماڻهو سيلفي يا مووي ناهي رهيا هوندا آهن تہ جيئن زندگيءَ جو يادگار لمحو محفوظ رهي، انهن جو ايئن ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: يادگار لمحي کي محفوظ رکڻ جي مُمانعت تہ ناهي پر جيڪي خاص توجھ ۽ خشوع ۽ خضوع واريون جايون آهن مثال طور طواف جي دوران ۽ مواجھ شريف جي حاضري وغيره تہ اتي سيلفي يا وڊيو ناهڻ کان بچڻ گهرجي بلڪ موبائل فون جي گهنٽي بہ بند ڪرڻ گهرجي ڇوتہ هي خشوع ۽ خضوع کي روڪيندڙ آهي.

(مدنی مذاکرہ 28 ذوالقعدۃ الحرام 1439)

## (11) ڇا مسافر تي قرباني واجب آهي؟

سوال: ڇا مسافر تي قرباني واجب آهي؟

جواب: جيڪو شرعي مسافر آهي ان تي قرباني واجب ناهي. (مدنی مذاکرہ 28 ذوالقعدۃ الحرام 1439)

## (12) ڇا زال مڙس جنت ۾ گڏ رهندا؟

سوال: ڇا زال مڙس ٻئي جنّت ۾ گڏ رهندا؟

جواب: جيڪڏهن زال مڙس جو خاتمو ايمان تي ٿيو تہ هي ٻئي جنّت ۾ گڏ رهندا. (التذکرۃ باحوال الموتی و امور الآخرۃ، ص 462) جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جو مَعاذَاللہ ايمان سلامت نہ رهيو تہ دوزخ ان جو ٺڪاڻو هوندو ۽ جيڪو جنّت ۾ ويندو ان جو ڪنهن ٻئي جنّتي سان نڪاح ٿي ويندو. جنّت ۾ وڃڻ واري کي پنهنجي ٻئي ساٿيءَ جي جدائي جو ڪو بہ صدمو نہ ٿيندو ڇو تہ جنّت ۾ ڏک ۽ تڪليف ناهي.

(مدنی مذاکرہ 21 ذوالحجۃ الحرام 1439)





# مشورو ۽ اسلام

محمد حامد سراج مدني عطاري

عقل ۽ ذهانت ربّ تعاليٰ جو ڏنل انمول تحفو آهي. هي ذاتِ باري تعاليٰ جي ورهاست آهي ته ڪو ٻانهو تمام گهڻو ذهين هوندو آهي، ڪو وچولي درجي جو يا ڪو گهٽ درجي جو ذهين هوندو آهي. ذهانت جي ان فرق جي ڪري هڪ انسان ڪنهن مسئلي جي فائديمند يا نقصانده پهلوئن کي اک ڇهنب ۾ سمجهي وٺندو آهي جڏهن ته ٻيو پنهنجي عقل ۽ فڪر جا گهوڙا ڊوڙائڻ بعد به نتيجي تائين ناهي پهچي سگهندو، اهو ئي سبب آهي جو اسلامي تعليمات اسان کي ٻڌائي ٿي ته انسان پنهنجي عقل ۽ فهم کي ئي ڪامل نه سمجهي بلڪ ٻين کان به مشورو وٺندو رهي ته جيئن بعد ۾ ٿيندڙ شرمندگي ۽ نقصان کان بچي سگهجي. ڪيئي موقعا اهڙا به پيش ايندا آهن ته ڪنهن ڪم کي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جا ٻئي پهلو ظاهري طور برابر نظر ايندا آهن، انسان فيصلو ناهي ڪري سگهندو ته ڪهڙي ڪم کي اپنائڻ ۾ چڱائي آهي ۽ ڪهڙي طرف نقصان ۽ برائي آهي؟ بڏتر جي اهڙي صورتِ حال ۾ اسلام پنهنجي مڃڻ واري کي سيکاري ٿو ته پنهنجي عقل ۽ دانشمندي تي اعتماد ڪري نقصان ڪٽڻ بدران مشوري جي دامن ۾ پناهه ورتي وڃي(يعني مشورو ورتو وڃي). مشورو خير و برڪت. بلندي ۽ ترقي، نزولِ رحمت ۽ برڪت جي نازل ٿيڻ جو ذريعو آهي. الله ڪريم مشوري جي

برڪت سان ڀلائيءَ جون راھون کولي ڇڏي ٿو ۽ جيڪڏھن مشوري کان بعد ڪيو ويندڙ ڪم لاڀائتو ثابت نہ بہ ٿئي تڏھن بہ ٻانھو ملامت ۽ شرمندگي کان بچي ويندو.

دينِ اسلام جي روشن تعليمات ۾ مشوري جي اھميت کي بہ اجاگر ڪيو ويو آھي. اسلام ۾ مشوري جي ڪيتري قدر اھميت آھي ان جو اندازو ھن ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ اللہ پاڪ پاڻ پنھنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مشورو ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جڏھن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌو داناءُ ۽ عقلمند ڪير ٿو ٿئي سگھي؟ سڄي دنيا جي عقل ۽ دانشمندي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عقل ۽ دانشمندي جي لکين حصي جي برابر بہ ناھي، مشھور تابعي بزرگ حضرت وھب بن منبہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون اڳي زماني جي ماڻھن جا 71 ڪتاب پڙھيا آھن، مون انھن سمورن ڪتابن ۾ اھو ئي ڏٺو تہ اللہ پاڪ دنيا جي ابتداء کان وٺي دنيا جي انجام تائين تمام انسانن کي جيترا بہ عقلَ عطا فرمايا آھن انھن سيني جا عقلَ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عقل مبارڪ جي مقابلي ۾ ائين آھن جيئن سڄي دنيا جي صحرا جي مقابلي ۾ ھڪ ذرو ھجي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راءِ انھن سيني کان افضل ۽ اعلٰي آھي.[1] اھڙي ڪمال درجي جي عقل ۽ فھم جي باوجود اللہ پاڪ پنھنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مشورو ڪرڻ جو حڪم فرمايو. جيئن ارشاد ٿئي ٿو: (وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ) ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ڪمن ۾ انھن کان مشورو وٺندا رھو.[2]

تفسير قرطبي ۾ آھي: اللہ پاڪ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنھنجي اصحابن سان مشورو ڪرڻ جو حڪم ان ڪري نہ ڏنو تہ اللہ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انھن جي مشوري جي ڪا حاجت آھي، حڪم ڏيڻ جو سبب ھي آھي تہ امت کي مشوري جي فضيلت جو علم سيکاري ۽ سندن کان بعد ڪين امت مشورو ڪرڻ ۾ سندن اتباع ڪري.[3] ھڪ روايت ۾ آھي تہ جڏھن ھيءَ آيت نازل ٿي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللہ ۽ ان جي رسول کي مشوري جي ضرورت ناھي پر اللہ پاڪ مشوري کي منھنجي امت جي لاءِ رحمت بڻايو آھي.[4] نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بہ مشورو فرمائيندا ھئا ۽ ٻين کي بہ حڪم ڏيندا ھئا. اچو! انھيءَ باري ۾ ڪجھ حديثون ٻڌون ٿا. (1) عقل مندن سان مشورو ڪيو ڪاميابي ماڻيندؤ ۽ انھن جي مخالفت نہ ڪيو نہ تہ شرمندگي ڏسندؤ.[5] (2) جيڪو شخص ڪنھن ڪم جو ارادو ڪري ۽ ان ۾ ڪنھن

مسلمان شخص سان مشورو ڪري الله پاڪ ان کي درست ڪم جي هدايت ڏيندو آهي.[6]

**مشوري جي متعلق ڪجهه آداب:** مشورو ڪنهن ڪان ڪرڻو آهي هن باري ۾ خوب غور ۽ فڪر سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ مشوري ڪان پهريان خوب سوچڻ گهرجي ڇو ته هر ننڍي وڏي، ناتجربيڪار ، بدمذهب، دشمن ۽ ويري وغيره سان مشورو نهايت ئي نقصان وارو ثابت ٿي سگهي ٿو. جنهن سان مشورو ڪيو وڃي ان جي لاءِ به لازم آهي ته هو پنهنجي پاڻ جي حق ڪي سمجهندي بهترين مشورو ڏي، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: جنهن پنهنجي ڀاءُ سان مشورو ڪيو ۽ ان اهڙو مشورو ڏنو جو ڀلائي ان ڪان علاوه ۾ هجي ته ان مشورو گهرڻ واري سان خيانت ڪئي.[7]

ڪيترو نه ڀلو ٿئي جو اڄ مسلمان هن عظيم سنت جي پيروي ڪرڻ ۾ لڳي وڃن جنهن ۾ انهن جي سعادت، خوش قسمتي ۽ معاشري جي ترقي جو راز به لڪيل آهي ۽ هزارين ديني ۽ دنياوي فائدا به

---

(1) صراط الجنان، 257/10 (2) پ4، آلِ عمٰرن: 159 (3) قرطبی، 192/4 (4) شعب الایمان، 76/6 (5) فردوس الاخبار، 62/1، حدیث: 273 (6) در منثور، 357/7 (7) ابوداؤد، 449/3، حدیث: 3657 ملتقطا





# پنهنجي انداز کي بدليو.....

آصف جهانزيب عطاري مدني

پنهنجي اولاد سان سيني کي محبت هوندي آهي، والدين جي اها خواهش بہ هوندي آهي تہ سندن ٻار معاشري جو بهترين فرد بڻجي ۽ ان لاءِ هو پنهنجي حساب سان تربيت جي ڪوشش بہ ڪندا آهن، پر ان ڪوشش ۾ بہ والدين ڪجھ اهڙا جملا استعمال ڪندا آهن جن جو ٻارن جي شخصيت تي غلط اثر پوندو آهي. والدين کي پنهنجي هنن جملن ۾ انداز ۾ تبديلي آڻڻ کپي.

## چڱي ڳالھ تي ساراه ڪيو

جڏهن ٻار ڪا نئين ڳالھ سکندو يا ڪا ڪاميابي حاصل ڪندو آهي تہ عام طور والدين ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ جي لاءِ انهن جي هر ڪاميابي تي ڪين تعريف ڪندي نظر ايندا آهن، جڏهن تہ ماهرن جو چوڻ آهي تہ هن طرح ٻار تعريف جو محتاج بڻجي ويندو آهي جيڪو اڳتي هلي ان لاءِ نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿو، تعريف صرف مناسب مواقع تي ئي ڪيو ۽ ان جي لاءِ الفاظ جي مناسب چونڊ ڪجي ايڪسٽرا تعريف ٻار جي شخصيت کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي.

## توهي ڇا ڪيو؟

عام طور ٻارَ پنهنجي ننڍن ننڍن ڪمن جي لاءِ ڀرپور محنت ڪري رهيا هوندا آهن، ڪا ڊرائنگ ناهڻي هجي، يا وري ڪا ٽيسٽ ياد ڪرڻي هجي. جيڪڏهن ٻار کان هن معاملن ۾ ڪا غلطي ٿي وڃي يا ڪمي رهجي وڃي تہ يڪدم هي چئي ڇڏڻ تہ”تو ڊرائنگ صحيح ناهي ناهي، يا ٽيسٽ ياد ناهي ڪئي يا تو هي ڇا ڪري ڇڏيو“ اهڙي طرح جي جملن سان ان جو حوصلو بہ ٽٽي پوندو آهي ۽ هو احساسِ ڪمتري جو شڪار بہ ٿي ويندو آهي، ان جي

بدران هن جي محنت جي تعريف ڪندي ان ڪي ويتر محنت جي ترغيب ڏياريو مثال طور اوهان هن طرح چئو”اوهان تمام ڀلي ڊرائنگ ٺاهي آهي“ بس رڳو ڪلر ڪي اڃا بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي“

## جلدي ڪيو

ٻارَ پنهنجي رفتار مطابق ڪم ڪندا آهن، جيڪڏهن هنن تي ذهني دٻاءُ وڌو ويندو ته ڪم خراب ٿي ويندو آهي ۽ اهو ئي ڪم ليٽ به ٿي سگهي ٿو، مثال طور ٻار هوم ورڪ ڪري رهيو آهي، ۽ اوهان چاهيو ٿا ته هو جلدي ڪم ختم ڪري وٺي ته جيئن اوهان صفائي ڪيو، ان وقت جيڪڏهن ”اوهان جلدي ڪم مڪمل ڪرڻ جو چوندا رهندؤ“ ته ٻار تي ذهني دٻاءُ وڌي ويندو ۽ ان جو هوم ورڪ خراب ٿيڻ جو به امڪان آهي، تنهنڪري تڪڙ تڪڙ مان ڪم ڪيو چوڻ بدران مثبت انداز اپنائي سگهجي ٿو مثال طور اوهان هيئن چئي سگهو ٿا ”ڏسون ٿا اوهان 15 منٽن ۾ هوم ورڪ مڪمل ڪري سگهو ٿا يا نه“ هن طرح ٻار خوشي سان ڪم مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ اوهان جو مسئلو به حل ٿي ويندو.

## پئسا ناهن

ٻار عام طور فرمائشون ڪندا رهندا آهن، سندن فرمائشن تي جيڪڏهن اوهان اڪثر هيئن چوندؤ ته ”پٽ هينئر پئسا ناهن“ ته اهي جملا ٻار جي شخصيت ۾ احساسِ ڪمتري پيدا ڪندا، هن طرح جي جملن جي بجائي اوهان هن ريت چئو ته ”**هاڻي في الحال اسان ڪي ٻيون ضروري شيون وٺڻيون آهن، ٻئي چڪر اوهان ڪي وٺي ڏينداسين**“ يا ٻيو ڪو مناسب جواب ڏئي ڇڏيو. هن طرح ٻار احساسِ ڪمتري کان محفوظ رهندا. ۽ انهن جي عقل ۾ به اها ڳالهه اچي ويندي ته ضروريات پهريان پوريون ڪرڻ گهرجن باقي ڪم بعد ۾.

اهي ڪجهه مثال آهن، جيڪڏهن والدين پنهنجو جائزو وٺندا ته انهن ڪي ٻيون به ڪوڙ ڳالهيون نظر اينديون جنهن جي انداز ۾ تبديلي جي ضرورت آهي.



امِّ ميلاد عطاريه

# جهنم ۾ عورتن جي گهڻائي ڇو هوندي؟

دينِ اسلام مَردن ۽ عورتن ٻنهي کي ترقي ۽ ڪاميابي جا اصول ٻڌائي ٿو ۽ ٻنهي کي جهنم جي رستي کان بچائڻ چاهي ٿو ان ڪري جيڪي ڪوتاهيون مردن ۾ آهن انهي صورت ۾ مردن جي اصلاح فرمائي ٿو ۽ جيڪي خاميون عورتن ۾ آهن انهي ۾ عورتن جي رهنمائي فرمائي ٿو. جهنم ۾ عورتن جي گهڻائي ڇو هوندي؟ ان جا ڪيئي ڪارڻ آهن، حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڳي ئي بيان ڪري ڇڏيا آهن هن مضمون ۾ انهيءَ ئي حوالي سان ڪجهه اهم ڳالهيون ذڪر ڪيون وينديون جيئن ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مون جنت ۾ جهاتي پائي ڏٺو ته ان ۾ فقيرن جي ڪثرت هئي ۽ وري مون جهنم ۾ ڏٺو ته ان ۾ گهڻائي عورتن جي هئي.[1] هڪ ڀيري حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عورتن کي خطبو ڏيندي فرمايو ته عورتو! صدقو ڏينديون ڪريو ڇو ته مون توهان کي جهنم ۾ گهڻائي ۾ ڏٺو آهي. انهي تي عورتن عرض ڪيو ان جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جا 2 سبب بيان فرمايا (1) (هڪ ته) توهان ملامت تمام گهڻي ڪنديون آهيو. (2) ۽ (ٻيو هي ته) توهان مڙسن جي ناشڪري گهڻي ڪنديون آهيو.[2]

(1) **ڪثرت سان ملامت ڪرڻ** ڪيئي عورتن جي عادت هوندي آهي ته هڪٻئي کي يا پنهنجي مڙس کي، پنهنجي نوڪرياڻين کي يا پنهنجي اولاد کي ملامت ڪنديون رهنديون آهن ۽ انهن کي پٽ پاراتا ڏينديون آهن اهڙين عورتن کي گهرجي ته ملامت واري عادت کان پاڻ کي

بچائڻ چوتہ اسلام ۾ ان جي سختيءَ سان ممانعت آهي.

(2) **مڙسن جي ناشڪري** ڪيئي عورتن ۾ اها عادت هوندي آهي جو هُو مڙسن جي ناشڪري ئي ڪنديون رهنديون آهن جيتوڻيڪ مڙسَ انهن جي لاءِ ڪيتري به محنت ڪن ۽ پنهنجي استطاعت جي مطابق انهن سان جيتري به ڀلائي ڪن پر پوءِ به عورتون صبر ۽ شڪر جي بدران ناشڪري ئي ڪنديون رهنديون آهن جنهن جا خطرناڪ نتيجا سامهون ايندا رهن ٿا، اهڙين عورتن کي احسان فراموشي، ناشڪري، زبان جي بدتهذيبي، ۽ بدتميزي جي ڪري اها سزا ملندي آهي جو مڙسَ تنگ اچي انهن کي ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ڪين پڇتائڻ سان گڏو گڏ سڄي زندگي گهروارن جا مهڻا سهندي گذارڻي پوندي آهي، تنهنڪري عورتن کي گهرجي تہ اهڙين حرڪتن کان توبهہ ڪن ۽ جنهن حال ۾ بہ الله پاڪ کين مڙسن سان گڏ رکيو آهي ان کي غنيمت سمجهن ۽ دنياوي اعتبار سان پاڻ کان گهٽ مرتبي واري جي طرف نظر ڪن تہ جيئن صبر ۽ شڪر جي ڪيفيت پيدا ٿئي.

هڪ ڀيري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو عورتن وٽان گذر ٿيو تہ فرمايائون: احسان ڪرڻ وارن جي ناشڪري کان بچجو، تہ عورتن عرض ڪيو تہ احسان ڪرڻ وارن جي ناشڪري مان ڇا مراد آهي؟ فرمايائون: ممڪن هو تہ توهان مان ڪا عورت ڏگهي عرصي تائين بغير مڙس جي پنهنجي والدين وٽ ويٺي هجي ها ۽ پوڙهي ٿي وڃي ها پر الله پاڪ ان کي مڙس عطا ڪيو ۽ ان جي ڪري مال ۽ اولاد جي نعمت سان نوازيو ان جي باوجود جڏهن اها ڪاوڙ ۾ ايندي آهي تہ چوندي آهي: مون هن مان ڪڏهن ڀلائي ڏٺي ئي ڪانهي.[3]

اهڙي طرح بيحيائي ۽ بي پردگي ڪرڻ غير مردن ڏانهن مائل ٿيڻ يا انهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ بہ اهڙا ڪم آهن جنهن جي متعلق حديثن ۾ وعيدون آيون آهن ۽ فرمايو ويو اهڙيون عورتون نہ جنت ۾ وينديون نہ ئي جنت جي خوشبو حاصل ڪنديون جڏهن تہ جنت جي خوشبو تمام پري کان ايندي هوندي.[4]

الله پاڪ اسان کي دوزخ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

1 بخاری، 3/463، حدیث: 5198
2 بخاری، 1/123 حدیث: 304
3 مسند امام احمد، 10/433، حدیث: 27632
4 مسلم، ص906، حدیث: 5582 ملخصًا



# ذوالحج
## جا ڪجھ اهم واقعا

4 ذوالحج 1401ھ تي خليفۂ اعلیٰ حضرت، حضرت علّامہ مولانا ضياءُ الدّين احمد مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال ٿيو، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار ”فيضان مدينہ“ ذوالحج 1438، 1439، ربيع الآخر 1441ھ ۽ مڪتبۃُ المدينہ جو رسالو ”سيّدي قطبِ مدينہ“ پڙهو.

7 ذوالحج 114ھ تي تابعي بزرگ حضرت سيّدنا امام محمد باقر بن زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي وصال جو ڏهاڙو آهي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار ”فيضان مدينہ“ ذوالحج 1438ھ ۽ مڪتبۃ المدينہ جو ڪتاب ”شرح شجرۂ قادريہ رضويہ، صفحو 54“ پڙهو.

14 ذوالحج 1370ھ جي ڏينهن امير اهلسنّت جي والدِ محترم حاجي عبدالرّحمٰن قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال ٿيو، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار ”فيضان مدينہ“ ذوالحجۃُ الحرام 1438ھ ۽ مڪتبۃُ المدينہ جو رسالو ”تعارفِ اميرِ اهلسنّت“ پڙهو.

18 ذوالحج 35ھ جي ڏينهن مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت سيّدنا عثمان ذوالنورين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت ٿئي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضان مدينہ ذوالحج 1438 کان 1442ھ ۽ مڪتبۃ المدينہ جو رسالو ”ڪراماتِ عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ“ پڙهو.

18 ذوالحج 1296ھ جي ڏينهن مرشدِ اعلیٰ حضرت، حضرت علّامہ شاه آلِ رسول مارهروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال ٿيو، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار رسالو ”فيضان مدينہ“ ذوالحج 1438ھ پڙهو.

19 ذوالحج 1368ھ جي ڏينهن خليفۂ اعلیٰ حضرت، علّامہ سيّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال ٿيو، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضان مدينہ ذوالحج 1438 کان 1439ھ پڙهو.

20، 21، 22، ذوالحج تي عظيم صوفي بزرگ حضرت سيّد عبدالله شاه غازي حسني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عرس مبارڪ آهي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار رسالو ”فيضان مدينہ“ ذوالحج 1438ھ پڙهو.

ذوالحج 6 ھ جي ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سَسُ، حضرت بيبي امِّ رومان رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو وصال مبارڪ ٿيو، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار ”فيضان مدينہ“ ذوالحج 1439 ۽ 1440ھ پڙهو.

ذوالحج 10هجري حجةُالوداع جي ڏينهن رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ لک کان وڌيڪ صحابہءِ ڪرام سان گڏ فرض حج ادا فرمايو، وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”سيرتِ مصطفٰي، صفحو 526 کان 533“ پڙهو.

ذوالحج44ھ تي حضرت سيّدنا عبدالله بن قيس ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو وصال مبارڪ آهي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار ”فيضان مدينہ“ ذوالحج 1440ھ پڙهو.

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جا شمارا دعوتِ اسلاميءَ جي ويب سائٽ www.dawateislami.net ۽ موبائل ايپلي ڪيشن تي موجود آهن.



# قرباني بابت اهم مدني گل

## شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا

✿ قرباني جو جانور جڏهن خريد ڪيو تہ چڱي طرح گهمائي ڦري پڇ، ڪن، سڱ وغيره چڱي طرح ڏسي وٺو تہ ڪاٿي ڪو عيب تہ ناهي. ✿ قيمت گهٽ ڪرائڻ جي لاءِ "هُتي سستو ملي ٿو"، "مون وٽ گنجائش ناهي" وغيره جهڙا جملا ڳالهائڻ کان بچو(ايئن ڪوڙ ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو آهي)✿ اهڙي طرح جانور جي قيمت گهٽ ڪرائڻ جي لاءِ ان مان عيب ڪڍڻ "پوڙهو آهي"، "ڏٻرو آهي"، "هڏيون پاسراٽيون نظر اچنس پيون"، "هن جو تہ گوشت بہ سخت هوندو" وغيره وغيره چوڻ سان واپاري جي دل آزاري ٿئي سگهي ٿي.✿ جانور جي ڳچي ۾ رسي وجهڻ بدران، چمڙي جو پٽو وٺي ان ۾ سوٽي رسّي وجهي ٻڌڻ سان جانور کي راحت ملندي.✿ جانور کي گهر آڻڻ کان بعد ان جي مزاج ۽ موسم کي ڏسي، وهنجاريو.✿ چون ٿا تہ: ٻڪرو وهنجارڻ سان سست ۽ بيمار ٿي ويندو آهي جڏهن تہ گهيٽي کي وهنجارڻ واڌويجهہ جي لاءِ فائديمند آهي. ✿وڏي جانور مان مينهن خوشي سان وهنجندي آهي جڏهن تہ ڳئون ۽ ڍڳو ڪمزور طبيعت جانور هوندا آهن، وهنجڻ تہ پري پر آلي زمين تي ويهڻ سان بہ لهرائيندا آهن.✿ ڪڏهن ڪڏهن نئين هنڌ اچڻ سان جانور کي عجيب احساس ٿيندو آهي مثلاً هُو سُست ٿي ويندو آهي يا ٿورو بيمار ٿي ويندو آهي. هن ڳالهہ جو ڌيان رکو.✿ جانور کي نرم جڳهہ پسند هوندي آهي جيڪڏهن نرم هجي تہ اتي ٻڌو وجي يا گهٽ مان گهٽ ان جي ويهڻ جي جڳهہ تي مٽي وغيره وڌي وجي. ✿جانور جي گاهہ پاڻي جو خيال رکو. (اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ حديث شريف ۾ حڪم آهي تہ جيڪو جانور پاليو، ان کي ڏينهن ۾ 70 ڀيرا ڪاڌو پاڻي ڏيڪاريو. (فتاويٰ رضويه، جلد24، ص 256) ✿ننڍي جانورکي صبح جي وقت سائو گاهہ ۽ شام جو چڻن جي دال يا چڻن جي چلر وغيره کارايو. ✿وڏي جانور جهڙوڪ ڳئون وغيره کي هڪ ڪلو اٽي يا جَون جو چاڻ ۽ هڪ ڪلو ڪٽڪ جو پوسو سڪل حالت ۾ ملائي يا هڪ ڪلو ڪَڪڙي جي ڪل پِجائي، هڪ ڪلو چڻن جي دال(بيسڻ وانگي) گڏوگڏ چاڻ ملائي هڪ مڪسچر ٺاهي صبح ۽ شام بہ وقت کارايو، منجهند جو چار پنج ڪلو مڪئي جو چارو کارايو(ضرورت آهر ڪنهن جانور پالڻ واري سان مشورو ڪيو)✿ ٻهراڙي جا جانور کُلي جاءِ تي رهڻ جا عادي ۽ انسانن سان مانوس هوندا آهن، جڏهن هي شهر ۾ نئين جڳهہ تي ايندا آهن تہ پنهنجي ويجهو انسانن جي رش ڏسي هراسجي ويندا آهن بلڪ ڪنهن انسان کي زخمي بہ ڪري سگهن ٿا يا وري پاڻ ڪِري يا ڪنهن شيءِ سان ٽڪرائجي زخمي ٿي سگهن ٿا تنهنڪري انهن وٽ رش ڪرڻ ۽ خوامخواهہ انهن کي ڇيڙي ڪري ڪاوڙ ڏيارڻ کان بچو. (مدني مذاڪرن مان ورتل مدني گل)

اُونٹ بن گیا ہوتا اور عیدِ قُرباں میں
کاش! دستِ آقا سے نَحْر ہو گیا ہوتا

(وسائلِ بخشش، ص 158)

فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي.
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
MAKTABA TUL MADINAH
ISBN 978-969-631-974-0
0125764